فياض لطيف

# ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ترجمن جو تنقيدي جائزو


***Abstract:***

**A critical appreciation of Dr. Muhabbat Buriros' Translation work**

*Dr. Muhabbat Buriro is a well-known writer, scholar and critic of Sindhi language. He has not only produced huge creative, analytical and translation work in Sindhi, but practically he spent his entire life for the opulence of Sindh and betterment of his mother-tongue. He has twenty six published books on his credit, which are on different topics, like literature, language, philosophy, anthropology, sociology and politics. He started his journey as a writer at a very young age. Since then, he continued making contributions to Sindhi Literature. Dr. Muhabat had an in-depth study of Sindhi literature. Besides he had a significant knowledge of world literature. Academically speaking, his literary services are very valuable and He possesses a unique place in the history of Sindhi literature.*

*This research paper especially aims at exploring the excellence of his work of translation in Sindhi language. Admittedly, translation is not an easy job, but in his work, is not only praise worthy but absolutely a distinctive one. Therefore In this article the achievements of Dr. Muhabat in the field of translation are focused and discussed. The research presents the qualities, as well as the snag of translation of Dr. Muhbat Buriro in a comprehensive way.*


**ڊاڪٽر محبت ٻرڙو** (1952ع - 1997ع) جي شخصيت هڪ ئي وقت ڪيترائي حوالا رکندڙ آهي. محقق، نقاد، لسانياتي ماهر ۽ مترجم جي حيثيت ۾ سندس ڪردار ۽ ڪم نه رڳو واکاڻ جوڳو آهي، پر علم ۽ دانش جي دنيا ۾ صحتمند بحثن جا دروازا کوليندڙ آهي.

هُن جو وجود پنهنجي نالي 'محبت' جيان سراپا مخلصي ۽ موهه جي مٽيءَ مان ڳوهيل هو. هُو ڪاهوڙي پُرش سچ ته پنهنجي فڪري ۽ عملي وجود ۾ هڪ اداري سمان هو.

ڊاڪٽر محبت ڪي ننڍي عمر کان ئي سائنسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ انقلابي ڪتابن جي اڀياس جو تمام گهڻو شوق هو. گڏوگڏ هو نوجوانيءَ کان ئي گلن جهڙا





ٻارڙا، قنبر ويلفيئر ايسوسيئيشن، ڪيرٿر سائنس اڪيڊمي ۽ سنڌي ادبي سنگت جهڙين ادبي، سماجي، سائنسي ۽ فڪري تحريڪن سان لاڳاپيل رهيو، جن نه فقط هُن ۾ شعوري ۽ علمي پختگي آندي، پر منجهس سياسي ۽ فڪري جاڳرتا پيدا ڪئي. هو هڪ ئي وقت سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين تي دسترس رکندڙ سُجاڻ ليکڪ ۽ مترجم هو. سندس تخليقي، تحقيقي، تنقيدي، تجزياتي ۽ ترجمي ڪيل ڪتابن جو انگ لڳ ڀڳ 36 آهي، جن مان 26 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ 10 ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود آهي. ڊاڪٽر محبت جو اهو سمورو پورهيو ڀرپور اڀياس ۽ تجزيي جي تقاضا ڪري ٿو.

عام طرح ترجمي ڪي رواجي ۽ آسان ڪم سمجهيو ويندو آهي ۽ ان ڪي تخليق جي نسبت ٻي درجي جي حيثيت ڏني ويندي آهي، جڏهن ته حقيقت ۾: ”ترجمي جو فن ڪنهن به صورت ۾ تخليقي عمل کان گهٽ ناهي. هن فن جو واسطو ڳوڙهي مطالعي ۽ ٻوليءَ جي مهارت سان آهي. تخليقي فنڪار ڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تخليق ڪرڻي پوي ٿي، جڏهن ته ترجمي ڪندڙ ڪي اصلي لکڻيءَ جي ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جو روح برقرار رکڻ سان گڏ ان ڪي ٻي ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز سان پيش ڪرڻو ٿو پوي، جو ان جي اصليت تي به ڪو اثر نه پوي ۽ اهو گهربل ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز سان منتقل به ٿي وڃي. “(1)

دراصل ترجمو هڪ اهڙو ٻِٽو تخليقي عمل آهي، جيڪو مترجم جي تخليقي صلاحيتن سان گڏوگڏ گهڻ مطالعاتي شعور ۽ روشن خيال فهم جو گهرجائو هوندو آهي. ولي رام ولڀ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: ”ترجمي جو ڪم جيڏو اهم آهي، ان کان وڌيڪ گهڻو ڏکيو به آهي. هڪ ٻولي ڳالهائيندڙن جا فڪري لاڙا، ٻي ٻولي ڳالهائيندڙن جي اندازِ فڪر کان نه رڳو مختلف هوندا آهن، بلڪ جمالياتي حس، مزاح جي حس ۽ اندازِ بيان به مختلف ٿيندا آهن، جن ڪي هڪ مترجم سليقي سان سنڀاليندو آهي. “(2)

دنيا جون علمي ادبي طور خوشحال ۽ امير ترين ٻوليون، نه رڳو پنهنجي اصلوڪي تخليقي سرمايي سبب سگهاريون ۽ پاڻ ڀريون ٿينديون آهن، پر دنيا جي علم ۽ ادب جي ذخيري ڪي پنهنجي زبان ۾ ترجمو ڪري اُتم ۽ عظيم بڻجنديون آهن. رومن ادب ڪي جيڪڏهن ائنگلوسئڪسن ۽ بعد ۾ جديد انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو نه ڪيو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃي ها، تہ روم جي زوال سان گڏ تهذيب، تمدن، علم ۽ ادب جو پڻ خاتمو ٿي وڃي ها. ساڳيءَ ريت يوناني، مصري، عربي، فارسي، هندي، انگريزي ۽ دنيا جي ٻي ڪلاسڪ علم ۽ ادب مان استفادو حاصل نہ ڪيو وڃي ها، تہ سنڌي ادب جي حالت ۽ حيثيت اهڙي بهتر نہ هجي ها، جهڙي اڄ آهي.

ڊاڪٽر محبت جا اردو ۽ انگريزي ٻولين مان ترجمو ڪيل ڪيترائي مضمون ۽ ٻيا ليک مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل ملن ٿا، جن ۾ 'سنڌ جي مسئلن جي حقيقي صورتحال ڇا آهي؟' (اقبال جعفر، روزاني عوامي آواز 27 فيبروري 1992ع)، 'احمد شاهہ ابداليءَ جون سنڌ تي ڪاهون' (پروفيسر عزيزالدين احمد، روزاني 'جاڳو' 15 مئي 1992ع.) 'سنڌ جون ٻوليون' (ايم 'ايڇ' پنهور، ماهوار 'ڪينجهر' اپريل 1995ع) ، 'سنڌ ۾ ماڻهو' (ايم 'ايڇ' پنهور، ماهوار 'ڪينجهر' سيپٽمبر 1995ع)، 'ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ' (ايم 'ايڇ' پنهور، ماهوار 'ڪونج' 1993ع)، 'چين مٿان ڳاڙهو تارو' (ايڊگر سِنو، هفتيوار 'سنڌو' 1993ع) 'ڊيندڙو ماڻهو' - ڪهاڻي، (چائوشو، شاگرد ميگزين ڊسمبر 1975ع)، 'انقلاب' - ناوليٽ، (جارج آرويل، 'سنڌي ڊائجيسٽ'، فيبروري 1974ع) وغيره شامل آهن. هُن جا ترجمو ڪيل ڪتاب 8 ڪن آهن، جن مان پنج ڪتاب: 'اٽڪ قلعي ڪان' (1990)، 'موسيٰ ڪان مارڪس تائين' ( 2005)، 'جدلي ماديت جا بنيادي اصول' (2008)، 'آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي' (2010) ۽ 'ڏاهپ جو جنم' (2011) ڇپيل صورت ۾ آهن.

ڊاڪٽر محبت جا ترجما گهڻو ڪري ٻن قسمن جي موضوعن تي مشتمل آهن. انهن مان هڪ حصي ۾ سماجي، سياسي ۽ ادبي موضوع آهن، جن ۾ نوجوانن جي تحريڪ، هُو ويچارو، ڏرتتي، سنڌ جا شهر ۽ ماڻهو، انقلاب، پڙهجي ڪيئن ۽ ڊيندڙو ماڻهو وغيره اچي وڃن ٿا، جڏهن تہ سندس ٻيو موضوع فلسفياڻو، فڪري ۽ ٻوليءَ جي فني ۽ وياڪرڻي باريڪين سان لاڳاپيل آهي، جنهن ۾ ايم. ايڇ. پنهور جا مختلف مقالا، مائوزي تنگ ۽ جوناٿن اسٽيل جون فڪري تحريرون ۽ ٻين ڪيترن ئي ناميارين ليکڪن جون لکڻيون شامل آهن. هيٺ سندس ترجمو ڪيل ۽ ڇپيل پنجن ڪتابن تي هڪ نظر وجهجي ٿي.

## 1. اٽڪ قلعي ڪان:





هن ڪتاب کان اڳ محبت جا مختلف موضوعن تي ٻيا ڪيترائي مضمون ترجمو ٿيل ملن ٿا، پر ڪتابي صورت ۾ سندس هي پهريون ترجمو آهي، جيڪو ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب کي لطيف اڪيڊمي لاڙڪاڻو، 1990ع ۾ ڇپرايو.

ڪتاب، 'اٽڪ قلعي ڪان' ميجر آفتاب، جيڪو اٽڪ سازش ڪيس جو مُک ذميوار هو، جي 'قيد - ڪٿا ۽ سزا - ڪهاڻي' تي مشتمل آهي. ميجر آفتاب کي 2 جنوري 1984ع تي هٿيار بند قوت وسيلي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ فوج ۾ حڪومت خلاف بغاوت پيدا ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ٻين هزارين بري، بحري ۽ فضائي فوج جي آفيسرن ۽ جوانن سان گڏ گرفتار ڪري، اوجهڙي ڪئمپ ۽ ٻين قيد خانن ۾ باندي بڻايو ويو. ان دوران ملڪ ۾ جيڪو ڪجھ وهيو واپريو، لٽ مار ٿي، لاقانونيت ۽ ناانصافيءَ جو راڄ قائم رهيو، عوام جي آزادي ۽ اظهار جي بنيادي حقن کي هڙپ ڪيو ويو، آمر جنرلن مڪاريون ڪيون، ملڪي ناٽي کي پيليو ويو، ان سموري منظرنامي جو هڪ لونءَ ڪانڊاريندڙ ۽ دردناڪ داستان آهي، جيڪو فوجي طاقت جي عتاب هيٺ آيل هڪ فوجيءَ انتهائي جرئتمنداڻي انداز ۾ نہ فقط لکيو، پر خصوصي فوجي عدالت اڳيان بيان پڻ ڪيو هو. حقيقت ۾ هي ڪتاب هڪ اهڙو اهم دستاويز آهي، جيڪو نہ رڳو ملڪي تاريخ جي هڪ دور جي درد ۽ ڪرب جي تصوير کي چٽي نموني سان پيش ڪري ٿو، پر ملڪ جي فوجي راڄ جي اندروني ڪٿا جا ڪيئي لڪل ورق پڻ ورائي ٿو. ڊاڪٽر محبت هن ڪتاب جي ترجمي جي چونڊ ڇو ڪئي، ان بابت هو پاڻ 'سنڌيڪار پاران' ۾ لکي ٿو: "هڪ فوجي ميجر جو پاڪستاني فوج جي عام توڙي خاص ڪردار تي خصوصي فوجي عدالت ۾ اهو بيان جيڪو پاڪستان ۾ ئي ڇپجي، وڏي ڳالهہ آهي.....عام طرح جيڪو بہ چڱو ڪتاب ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ پڙهندو آهيان، پڙهڻ ڪان پوءِ سوچيندو آهيان، تہ جيڪر اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ بہ هجي تہ جيئن گهڻي ڪان گهڻا سنڌي پڙهي سگهن. انهيءَ جذبي هيٺ هي ۽ ڪجھ ٻيا ڪتاب، مضمون، پمفليٽ وغيره ترجمو ڪيا اٿم....منهنجي آس آهي، تہ سنڌي ماڻهو هر اهو ڪتاب پڙهي، جنهن سان اختلاف رکندي بہ، پنهنجي جدوجهد ۽ ڇوٽڪاري جي راهہ سمجهي، ان تي هلي سگهجي ۽ هر قسم جي ڦرلٽ، ڏاڍ، غلامي ۽ مظلوميت مان نجات ماڻجي."(3)

ڊاڪٽر محبت، 181 صفحن جو هي ڪتاب پنجويهہ ڏينهن اندر ترجمو ڪيو

هو. پر ان هوندي به ان ۾ ڪٿي به ٽڪڙ ۽ ويڙهه سيڙهه جو احساس نه ٿو ملي. ٻوليءَ جي سُپڪ ۽ سندر استعمال ڪان وٺي خيال جي تز بيان تائين هر جملو پنهنجي جڪ جوڙ ۾ نه رڳو سونهندڙ ۽ سيبائتو محسوس ٿئي ٿو، گڏوگڏ ڀرپور مفهوم ۽ معنيٰ جي ادائگي به آسانيءَ سان پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر محبت ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: ”مون کي ذاتي طرح ميجر آفتاب جي بيان ڪيل ڪيترين ئي ڳالهين سان اختلاف آهي، پر ترجمو ڪندي مون ڪٿي به پنهنجن جذبن ۽ سوچن کي ان ۾ سمائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.“(4)

ڊاڪٽر محبت، ترجمي جي سلاست ۽ عام فهميءَ جي سلسلي ۾ هڪ اهم ڪم اهو ڪيو آهي، ته هن نه رڳو اردو لفظن جا سنڌيءَ ۾ عام فهم ۽ سولا متبادل لفظ استعمال ڪيا آهن، پر انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪيترن ئي لفظن جا پڻ آسان سنڌي لفظ ڪتب آندا آهن. ايتري تائين جو هن ڪيترن ئي اردو توڙي سنڌيءَ ۾ عام طور استعمال ٿيندڙ انگريزي لفظن جا سهنجا متبادل لفظ ڏنا آهن. جهڙوڪ: پريس (خابرو ادارو)، فائرنگ اسڪواڊ (گوليون هڻندڙ جٿو)، چارج شيٽ (ڏوهه ـ چٺي)، ملٽري (لشڪر) ۽ انفنٽري آرمي (پيادي فوج) وغيره.

## 2. موسيٰ ڪان مارڪس تائين

هي ڪتاب سبط حسن جي مشهور ڪتاب ’موسيٰ سي مارڪس تڪ‘ جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جي پهرين ڏهن بابن جو ترجمو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پنهنجي زندگيءَ ۾، 1980ع ڌاري ڪيو هو. جنهن کي اپريل 2005ع ۾ ڊاڪٽر محبت جي ائين ورسيءَ جي موقعي تي، ’ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر‘ پاران، پهرين ڀاڱي طور شايع ڪيو ويو. ڪتاب بابت به اکر لکندي رياضت ٻرڙو لکي ٿو: ”هي ڪتاب جملي 20 (درست انگ 24) بابن تي مشتمل آهي. جن مان پهريان 10 باب ڪارل مارڪس جي ڄَمر تائين سوشلزم (جنهن کي ليکڪ ’خيالي سوشلزم‘ سڏيو آهي) جي پس منظر ۽ تاريخي جائزي کي تفصيل سان بحث هيٺ آڻن ٿا. جنهن ۾ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ جاکوڙيندڙ انيڪ شخصن جي زندگين، سندن تحريرن، جدوجهد ۽ کين آيل/ مليل سزائن ۽ تڪليفن، حاڪم ۽ امير (شرفاء) طبقن جي رعايتن ۽ اٽڪلن جو داستان آهي. “(5)





ڪتاب جي رهيل 14 بابن جو ترجمو، محبت جي ننڍي ڀاءُ رياضت ٻرڙي، ڊاڪٽر محبت جي وفات ڪان پوءِ ڪيو. ڪتاب جي ٻنهي حصن کي گڏائي 2010ع ۾، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي پاران ساڳي نالي يعني ’موسيٰ ڪان مارڪس تائين‘ سان شايع ڪيو ويو آهي.

ڪتاب ’موسيٰ ڪان مارڪس تائين‘ بنيادي طور انسان جي سماجي اتهاس، انساني فڪر ۽ فهم جي اوسر، سوشلزم جي تاريخ، ارتقائي سفر، مختلف اشتراڪي سماجن جي پسمنظر ۽ دنيا جي مختلف دانشمندن جي فڪري لاڙن جي نظرياتي اڀياس تي ٻڌل آهي.

ڊاڪٽر محبت جيئن ته آدرشي ادب ۽ ترقي پسند فڪر جو پيروڪار هو، انهيءَ ڪري تخليقي تحريرن ڪان وٺي ترجمي تائين هن هميشہ اهڙي مواد کي ترجيح ڏني، جنهن ۾ جيءَ جي جنجهوڙ، فڪري فراواني، مقصديت ۽ سماجي ڪارج جا اجتماعي لاڀائتا عنصر موجود هئا ۽ سبط حسن جو هي ڪتاب به هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن ۾ نه رڳو انساني آجپي جي عملي تاريخ جو اتهاسڪ ۽ سبق آموز داستان رقم ٿيل آهي، گڏوگڏ انسان جي جدوجهد ۽ فڪري سڦلتا جو اتهاس به موجود ملي ٿو. هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ سبط حسن سوشلزم بابت لکي ٿو: ”سوشلزم هڪ وسيع علم آهي، جنهن جو گهرو اڀياس بيحد ضروري آهي. هي هڪ انقلابي علم به آهي، جنهن تي عبور حاصل ڪرڻ ڪان سواءِ اسان نه ته هاڻوڪي سماج جي اصل حقيقت سمجهي سگهون ٿا ۽ نه ئي پنهنجي مخصوص حالتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي حڪمت عملي ۽ طريقيڪار جو رخ مقرر ڪري سگهون ٿا ۽ نه ئي اهو فيصلو ڪري سگهون ٿا ته هن ڏينهن ۾ سوشلزم جي نالي ۾ جيڪي تحريڪون هلي رهيون آهن، اهي سچيون يا ڪوڙيون آهن.“(6)، يعني سوشلزم هڪ اهڙو سماجي سائنسي علم آهي، جنهن کي سمجهڻ بنا انسان ۽ ان سان لاڳاپيل انيڪ مادي سچائين کي سمجهڻ ناممڪن آهي.

هن ڪتاب جي ترجمي جي چونڊ مان ڊاڪٽر محبت جي فڪري طور ترقي پسند ۽ روشن خيال هجڻ جي نه رڳو سُڌ پوي ٿي، گڏوگڏ اشتراڪيت بابت سندس جهجهي ڄاڻ ۽ واضح سمجهه ۽ ساڃاهه جي پڻ خبر پوي ٿي، جو ته جهڙي ريت محبت هن ڪتاب جو عام فهم ۽ آسان پيرائي ۾ سنڌي ترجمو ڪيو آهي، اهو سندس سنڌي ٻوليءَ تي دسترس ۽ اشتراڪي فڪر ۽ فلسفي جي مطالعي ۽ گهري سُرت جي گواهي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏئي ٿو.

### 3. جدلي ماديت جا بنيادي اصول:

’جدلي ماديت جا بنيادي اصول‘ اليگزينڊر اسپرڪن (Alexander Spirkin) ۽ او. ياخوت (O.Yakhot) جي انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب The Basic Principles of Dialectical and Historical Materialism جي هڪ حصي The Basic Principles of Dialectical Materialism جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ڊاڪٽر محبتَ انگريزيءَ مان 1980ع ڌاري ڪيو.

هي ڪتاب ’جدلي ماديت جا بنيادي اصول‘ ڪتابي صورت ۾ ڊاڪٽر محبت جي ٻارهين ورسيءَ جي موقعي تي، مارچ 2008ع ۾، سِي پِي سِي ايس (CPCS) حيدرآباد ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪتاب ڪل ڇهن بابن، جهڙوڪ: ’جدلي ماديت: مارڪسي فلسفو‘، ’مارڪسي فلسفي جو اُسرڻ ۽ ان جي ترقي‘، ’مادو ۽ ان جي وجود رکڻ جون شڪليون‘، ’شعور جو بڻ بنياد ۽ ان جي فطرت‘، ’جدليات جا بنيادي قانون ۽ درجا‘ ۽ ’جدلي ماديت جو علمي نظريو‘ تي ٻڌل آهي.

باب پهريون، فلسفي جي معنيٰ، مقصد، سوالن ۽ فڪر تي روشني وجهڻ سان گڏ ماديت، جدلي ماديت، خيال پرستي، جدليات ۽ مابعدالطبيعات جي سمجهاڻي ۽ وضاحت پيش ڪري ٿو. ٻيو باب، قديم ۽ جديد ماديت جي تصورن، خيال پرستيءَ جي پراڻن ۽ نون ويچارن ۽ مارڪسي فلسفي جي اوسر ۽ جديد جوڙجڪ تي ڀرپور روشني وجهي ٿو. ٽئين باب ۾، مادي جي فلسفياڻي ۽ سائنسي تشريح ڪئي وئي آهي. چوٿين باب ۾، شعور جي بڻ بنياد، ان جي فطرت، مادي سچائين، حسياتي پهلوئن، خيالي مفروضن ۽ شعور جي سماجي فطرت جي مفصل ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي. پنجين باب ۾، جدليات جي بنيادي قانونن ۽ درجابنديءَ جي اصولن جي ڄاڻ سان گڏوگڏ مارڪسي جدليات جي جزئيات ۾ معلومات ملي ٿي، جڏهن ته ڇهون باب، جدلي ماديت جي علمي نظريي جي وضاحت ۽ ان جي مختلف پهلوئن ۽ پاسن جي فڪري، تجزياتي ۽ تنقيدي اوک ڊوک تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي ڇهن ئي بابن جي مطالعي کان پوءِ هڪ پڙهندڙ کي نه صرف جدلي ماديت جي چڱي معلومات ملي ٿي، پر مارڪسي فلسفي جي بنيادي متن ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ پڻ آساني محسوس ٿئي ٿي. سوچ ۽ ويچار جا نوان در کُلن ٿا ۽ ماڻهو داخلي





طور هڪ عجيب تازگيءَ سان گڏ پاڻ ۾ شعوري ۽ فڪري اُٿل پٿل جي احساسن کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. ڪنهن ڏاهي چواڻي، ”ڪتابن جو مطالعو، ماڻهوءَ جو رنگ ۽ مُنهن مهاندو تبديل نه ڪندو آهي، پر انهن جو اڀياس انساني شعور جي وسعتن ۾ واڌارو ۽ ذهن ۾ فڪري ولوڙ پيدا ڪندو آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي نئين سجاڳيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي آهي“. ڊاڪٽر محبت جو هي پورهيو سچ ته اهڙو ئي ڪارج ادا ڪندڙ آهي.

ڊاڪٽر محبت هن ڪتاب جو ترجمو وڏي محنت ۽ عرق ريزيءَ سان ڪيو آهي، ڇو ته ڪتاب جو موضوع هڪ ته انتهائي گُوڙهو ۽ فلسفياڻو آهي، ٻيو ته اهو انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جنهن کي هن پنهنجي گهڻ مطالعاتي ڄاڻ ۽ انگريزي ۽ سنڌي ٻولين تي دسترس هجڻ سبب سهڻي سليقي ۽ سليس انداز ۾ سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيو آهي، جنهن لاءِ هو ڪيرون لهڻي، پر هِن ترجمي ۾، ڊاڪٽر محبت ڪجهه جاين تي پنهنجي پاران ڪجهه اضافا ۽ واڌارا پڻ ڪيا آهن، يا ائين چئجي ته ڪتاب جي مواد کي سنڌي مزاج ۽ ماحول ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ڪتاب جي صفحي 57 تي هي سٽون ملن ٿيون، ”اسين سنڌي ان ڪري ٿا ڳالهايون، جو سنڌي اسان کي سيکاري وئي آهي. اسين سنڌي ثقافت جو اظهار ان ڪري ٿا ڪريون، جو سنڌي ثقافت جو حصو آهيون. اسان کي پنهنجا قومي مفاد ان ڪري عزيز آهن، جو اسان جي قوم جا مفاد اسان جا مفاد آهن.“(7)

مٿيون سِٽون پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو لڳي، ڄڻ پاڻ ڪنهن سنڌ واسيءَ جي تخليق پڙهي رهيا آهيون، جڏهن ته اصل ڪتاب ٻن روسي ليکڪن جو لکيل آهي. گڏوگڏ صفحي 17 تي پڻ ڊاڪٽر پنهنجي طرفان ڪجهه سٽون شامل ڪيون، جيڪي اصل ڪتاب ۾ موجود ڪونه آهن، اهو سڀ ڪجهه جيڪڏهن ڏنگين ۾ ڏئي، ’مترجم پاران‘ لکجي ها ته بهتر ٿئي ها ۽ جيڪو هن وقت مونجهارو پيدا ٿئي ٿو، ان جي گنجائش نه رهي ها.

توڙي جو مرزا قليچ بيگ، رشيد ڀٽي ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي مترجمن پنهنجي ترجمن ۾ ائين ڪيو آهي، پر هڪ سُڄيت، روشن خيال ۽ جديد دور جي مترجم کي ائين ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته ترجمو حقيقت ۾ فڪر ۽ خيال جي اهڙي امانت آهي، جنهن جو حق غيرجذباتي انداز، شعوري سجاڳي ۽ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪري ئي ادا ڪري سگهجي ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر صاحب مختلف هنڌن، خاص ڪري پهرين باب کان چوٿين باب تائين جي مواد ۾، شاهہ لطيف جا ڪيترائي بيت پڻ شامل ڪيا آهن، جيڪي اصل ڪتاب ۾ تہ يقينن ڪونہ آهن، پر ترجمي ۾ اهي شامل ڪيا ويا آهن، ۽ انهن جي شموليت اضافي ۽ غير فطري محسوس ٿئي ٿي، ڇو تہ بيت جتي ڏنا ويا آهن، اهي مواد ۽ موضوع سان ڪابہ هڪجهڙائي ڪونہ ٿا رکن، مثال طور: ”مادي جدليات، جنهن تي مارڪس ۽ اينجلس ڪم ڪيو، هڪ اهڙو ئي طريقو يا واٽ آهي. ان ۾ اهي سموريون خاصيتون ۽ صلاحيتون موجود آهن، جنهن موجب حقيقت جي صحيح پرک ۽ قدرت جي لقائن ڏانهن پرپور ۽ صحيح پهچ حاصل ڪري سگهجي.“(8)

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراٽو نہ ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي ابهين.

ڊاڪٽر محبت پاران مٿئين پيرا سان لطيف سائينءَ جو ڏنل بيت، ڏسجي تہ مواد ۽ موضوع سان هڪجهڙائي نہ ٿو رکي، ويتر اهو اضافي ۽ اوپرو لڳي ٿو. ساڳيءَ طرح ٻيا شامل ڪيل بيت پڻ غير واسطيدار محسوس ٿين ٿا.

### 4. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي:

ڊاڪٽر محبتَ ٻرڙي، سپ کان وڏيک سنڌ جي نالي واري تاريخدان ايم.ايچ. پنهور جا انگريزي ليک ترجمو ڪيا، گڏوگڏ سندس ٻن اهم ڪتابن 'Chronological Dictionary of Sindh' ۽ 'Source Material on Sindh' جو پڻ ترجمو ڪيو، جيڪي افسوس جو هن وقت تائين ڇپجي نہ سگهيا آهن. زيرِ نظر ڪتاب 'آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي' پنهور صاحب جي ڪجهہ مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪو اپريل 2010ع ۾، 'ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر' پاران ڇپيو، جنهن جو مترجم ڊاڪٽر محبت ٻرڙو آهي.

ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن مان پهرين ڀاڱي ۾اٺ مقالا: 'سنڌ ۾ ماڻهو'، 'سنڌ جا شهر ۽ وَسنديون'، 'سنڌ جون ٻوليون'، 'سنڌ جي ٻولي'، 'جاگيرپ خلاف سنڌ جي سرويچ جدوجهد'، 'آبهوائي تبديليون ۽ انهن جو اتهاس تي اثر'، 'سنڌ ۾ زرعي-آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ' ۽ 'سنڌ ۾ ڳوناٽي مفلسي' شامل آهن. ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ ڪجهہ اهم نقشا ۽ تصويرون پڻ ڏنل آهن.

ٻيو ڀاڱو ڪجهہ ضميمن، ڊاڪٽر محبت جي ٻن تخليقي مقالن، مسز فرزانہ





پنهور جي لکيل مقالي، ڊاڪٽر محبت ۽ پنهور صاحب جي هڪٻئي ڏانهن لکيل خطن، رياضت پاران لکيل ٻنهي شخصيتن جي پروفائيلس ۽ ترتيب ڏنل ڪوش (Glossary) تي مشتمل آهي. ڊاڪٽر محبت جا تخليقي مضمون، 'پاٿر چمار' ۽ 'ماڻهوءَ-جهڙو-جانار ۽ ماڻهو'، پنهور صاحب جي لکيل ڪجهہ مقالن جي موضوعن ۽ مواد جي ڇِتائيءَ کان علاوه انسان جي ارتقا ۽ ان جي مختلف دورن تي چڱي روشني وجهن ٿا، جڏهن تہ مسز فرزانہ پنهور جو لکيل ۽ ڊاڪٽر محبت پاران ترجمو ڪيل تحقيقي مقالو، 'ٿر ۽ ڪوهستان رڻ جا وڻ ٽڻ' پڻ انتهائي اهم آهي، جيڪو ٿر ۽ ڪوهستان بابت مفيد معلومات فراهم ڪري ٿو.

ڪتاب ۾ موجود اڪثر مقالن ۽ مضمونن جو محور ۽ مرڪز سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهو آهي، جنهن بابت تاريخي ۽ سائنسي حوالي سان ايم. ايچ. پنهور صاحب پنهنجي سالن جي مطالعي، مشاهدي، تجربي، تجزيي ۽ تحقيق جو نچوڙ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس تحرير ۽ تحقيق جو انداز سچ پچ تہ نج علمي ۽ سائنسي آهي، جيڪو عام پڙهندڙ لاءِ ٿورو مشڪل ۽ فڪري طور ڳوڙهو ۽ ڳورو ضرور آهي، پر سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ محققن جو تمام گهڻو ڌيان ڇڪائيندڙ ۽ ڪيترين ئي حقيقتن جا نوان رُخ نروار ڪندڙ آهي.

پنهور صاحب جا مقالا گهڻو ڪري غير روايتي ۽ ڏکئي پيرايي، خالص سائنسي انداز ۽ مخصوص ٽرمنالوجي ۾ لکيل آهن، جن جو ترجمو يقينن ڏکيو ڪم آهي، ڇو تہ اڪثر مقالن ۾ تاريخ، تهذيب ۽ انساني اؤسر جي باريڪين کي زيرِ بحث آڻڻ کان علاوه ٻوليائي معاملن، آبهوائي تبديلين ۽ انسان جي فڪر ۽ فلسفياڻي مامرن ۽ مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ پنهور صاحب سنڌ، سنڌي زبان ۽ ان جي ثقافتي حقيقتن ۽ حسناڪين کان پليءَ پت واقف هو، پر هن پنهنجي خيالن، سوچن ۽ ساڃاهہ جو اظهار انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي ۽ انگريزي ٻوليءَ جو نہ رڳو پنهنجو مزاج ۽ ماحول آهي، پر لغوي، محاوراتي، ترڪيبي ۽ اصطلاحي جهان پڻ جُدارو آهي، جنهن جي پرک ۽ پروڙ لاءِ گهڻ رخي ڏاهپ ۽ شعور جي ضرورت آهي، جيڪا يقينن ڊاڪٽر محبت وٽ موجود هئي. اهو ئي سبب آهي، جو هُو پنهور صاحب جي مختلف موضوعن تي لکيل غير رواجي ۽ فني قسم جي مقالن کي چڱيءَ طرح سمجهي ٻوليءَ نہ رڳو سٺي نموني ترجمو ڪري سگهيو آهي، پر هُن ڪيترن ئي انگريزي ٻوليءَ جي مخصوص لفظن ۽ اصطلاحن جا سنڌي متبادل پڻ ڏنا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خاص طور سنڌي اصطلاح سازيءَ جي حوالي سان هڪ لاڀائتو اضافو چئي سگهجن ٿا.

### 5. ڏاهپ جو جنم:

ڊاڪٽر محبت جي اها وڏي خوبي هئي، ته هن نه فقط تخليقي طور مختلف ۽ منفرد موضوعن تي لکيو آهي، پر ترجمي جي حوالي سان به سندس چونڊ مختلف، نرالي ۽ تمام گهڻي معياري رهي آهي. هن سياست، سماجيات، لسانيات، ادب، فلسفي ۽ تاريخ جي موضوعن تي مختلف ٻولين ۾ موجود مواد کي نه صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، پر ڪيترن ئي تاريخ ساز، نظرياتي ۽ اهم آدرشي ماڻهن جي ڪم، ڪردار ۽ زندگيءَ بابت لکيل تحريرن ۽ ڪتابن جو پڻ ترجمو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ خاص طور تي دنيا جي وڏي معاشي ماهر، فلسفي ۽ انسان دوست مفڪر ڪارل مارڪس جي شخصيت، ڪميونزم ۽ ان جي عالمي نقطئہ نظر جي اؤسر جي حوالي سان، روس جي نامور صحافي ۽ تعليمدان گينرخ وولڪوف جي لکيل ڪتاب 'The Birth of a Genius: The development of the personality and world out look of Karl Marx' جو ترجمو قابل ذڪر آهي. هي ڪتاب دراصل انسان جي علم ۽ دانش، ڪردار ۽ سماجي تبديليءَ جي عزم جو اهڙو دستاويز آهي، جنهن جو مطالعو فڪر ۽ ويچار جون نيون وسعتون بخشي ٿو. هن ڪتاب جو دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. اردوءَ ۾ تقي حيدر 'ايک عالي دماغ کي پيدائش: ڪارل مارکس کي شخصيت اور عالمي زاويہء نظر کا ارتقا' جي نالي سان ان ڪتاب جو ترجمو ڪيو آهي، جنهن تان ڊاڪٽر محبتَ ٻرڙي، 'ڏاهپ جو جنم' جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. دراصل ڊاڪٽر صاحب 1983ع ڌاري ڪتاب جي ٽن حصن مان لڳ ڀڳ ٻن حصن جيتري مواد جو ترجمو ڪيو، پر نه ڄاڻ ڪهڙن سببن ڪري ان کي مڪمل ڪري نه سگهيو. سندس وفات کان پوءِ رهيل حصي جو ترجمو سندس ڀاءُ رياضت ٻرڙي ڪيو، جنهن کي ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي 14-هين ورسيءَ جي موقعي تي، اپريل 2011ع ۾، سِي پِي سِي ايس (CPCS) حيدر آباد، ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪتاب ڪل يارنهن بابن، جهڙوڪ: 'خواب لهندڙ بي عَمليءَ جون ٻيڙيون'، 'هڪ ڏنڌي جي ٻُولا'، 'مِٺي جي مار ۽ شاعراڻي شعلي جي طلب'، 'آهي ڳالهه سڌي، خدائن کان مون کي نفرت آهي'، 'فلسفي کان سواءِ ڪا به اڳيرائي ممڪن ناهي'، 'حقيقت تي بنا رک رکاءُ تنقيد'، 'هڪ سچي جنگجو نعري جي ٻُولا'، 'ڪميونزم: مڪمل انسان دوستيءَ جي حيثيت ۾'، 'هڪ ڏاهو ۽ ان جو ماحول'، 'ڏاهي جي ساٿ ۾، هڪ ٻيو ڏاهو'، 'ناٽي جو فلسفو' تي مشتمل آهي. هر باب جي ابتدا ۾ مارڪس، اينجلس ۽ لينن جو ڪو قول ڏنل آهي، جيڪو ان باب جو جڻ ته ٽڪر ۽ تت پيش ڪري ٿو.





ڪتاب جي پيش لفظ ۾ ليکڪ لکي ٿو:"نوجوان پڙهندڙ کي هن ڪتاب ۾ شايد اهڙا نالا، اصطلاح ۽ مسئلا نظر ايندا، جن کان هو اڻڄاڻ هجي ۽ شايد ڪيس هر شيءِ ترت سمجهه ۾ نه اچي. ڪيترين ئي ڳالهيون هن کي سوچڻ ۽ ويچارڻ تي مجبور ڪنديون. انيڪ شين بابت سوال ۽ انهن جي باري ۾ وڌيڪ اڀياس جي سَڌ پيدا ٿيندي..... ۽ هن ڪتاب جي اڀياس کان پوءِ پڙهندڙ جيڪڏهن مارڪس جي خيالن جي دنيا ۾ وڌيڪ اونهو وڃڻ گُهري ۽ سندس رَندن تي هلندي، هو به افلاطون، ارسطو، ڪانٽ، فيختي، هيگل ۽ فيوئر باخ جي فلسفي، سينٽ سائمن، فوريئي ۽ ريڪارڊو جي لکڻين، شيڪسپيئر، بالزاڪ، گوئٽي ۽ هائني جي تحريرن ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو، ته هو آسانيءَ سان سمجهي ويندو، ته مارڪسزم ڪيئن وجود ۾ آئي ۽ ان جو بنياد ڪهڙي شيءِ تي آڌاريل آهي."(9)

جيتوڻيڪ فلسفي ۽ سائنس جي موضوع سان لاڳاپيل مواد جو ترجمو سهنجو ڪم نه آهي، ڇو ته ان ۾ نه رڳو مخصوص الفاظ ۽ اصطلاح هوندا آهن، جن جي ٻي ٻوليءَ ۾ منتقلي مشڪل هوندي آهي، گڏوگڏ فڪري ۽ فلسفياڻي موضوع جي ڳُوڙهائي به لاحق هوندي آهي، جنهن کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ساڳي اثر ۽ احساس سان ترجمو ڪرڻ نهايت مهارت جو ڪم هوندو آهي. ڊاڪٽر محبت، هن فلسفياڻي ۽ فڪري ڪتاب جو پلوڙ ترجمو ڪيو آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي، ته هو نه فقط فلسفي ۽ سائنس جو چڱو ڄاڻو ۽ پارکو هو، پر سنڌيءَ کان سواءِ ڪيس اردو ۽ انگريزي ٻولين تي پڻ سٺي دسترس حاصل هئي ۽ ترجمي ۾ هن پنهنجي انهن مڙني صلاحيتن جو چڱو استعمال ڪيو آهي.

### نتيجو:

جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ لاتعداد ترجما ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن پيا، پر ڊاڪٽر محبت، جيڪا مواد ۽ موضوع جي چونڊ ڪئي آهي، اها وقت ۽ حالتن موجب وڏي وقعت ۽ ڪارج واري آهي. ڊاڪٽر محبت پنهنجن اڪثر ترجمن ۾ جتي عبارت جي اصل روح ۽ مفهوم جو خيال رکيو آهي، اُتي سنڌي ٻوليءَ جي نج پٽي ۽ نئين لغت جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اظهار کي پڻ ترجيح ڏني آهي. تي سگهي ٿو، تہ سنڌس ٻوليءَ جي نئين تخليقي ڊڪشن، نئين لفظيات تي ڪنهن ٻوليءَ جي پارکوءَ کي ڪو اعتراض بہ هجي (سچ تہ اهڙا اعتراض منظر عام تي اچڻ گهرجن)، پر ڊاڪٽر محبت جي محنت، علم، جستجو، نئين اسلوب، تخليقي، سليس ۽ سيبائتي انداز کان ڪنهن بہ صورت ۾ انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي.

قمر جميل پنهنجي ڪتاب ’جديد ادب ڪي سرحدين‘ ۾ ترجمي جي حوالي سان لکيو آهي: ”ترجمي جو ڪم ڏاڍو ڏکيو ۽ صبر آزما آهي، اهو مڇيءَ جي شڪار وانگر ٿئي ٿو. اصل تخليق ۾ ڪجھ شيون، ڪجھ لفظ اهڙا ضرور هوندا آهن، جيڪي ترجمي ڪرڻ وقت پوريءَ طور ترجمي جي ڄار ۾ نہ ڦاسندا آهن ۽ مڇيءَ وانگر ڄار مان ڪسڪي ٻاهر نڪري ويندا آهن.“(10)

ڊاڪٽر محبت جي ترجمي ڪيل پورهئي تي جڏهن نظر وجهجي ٿي، تڏهن ان ۾ پڻ ڪيترين جاين تي قمر جميل جي مذڪوره راءِ جي سچائيءَ جو احساس ٿئي ٿو. هن جي علمي صلاحيتن ۽ ڀرپور عملي جستجوءَ کان ڪنهن بہ طور تي انڪار ممڪن نہ آهي، ڇو تہ هن پنهنجي ٿورڙي عمر ۾ تمام گهڻو ۽ گهڻ رخو ڪم ڪيو آهي. اهڙو ۽ ايترو ڪم اڪثر ادارا ئي ڪري سگهندا آهن، جيڪو هن اڪيلي سر ڪيو، پر اهو بہ سچ آهي تہ سندس ڪجھ ترجمن ۾ چند ڪميون ۽ ڪچايون رهجي ويون آهن، ان جو سبب شايد اهو بہ هجي تہ هن جا ڪجھ ترجما ڊائرين ۾ اڻ سنواريل صورت ۾ مليا آهن، جن کي هڪ ئي وقت هٿ ۾ ڪنيل گهڻن ڪمن ڪارڻ ٻيهر ڏسي ۽ آخري شڪل ڏئي نہ سگهيو ۽ اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات کان پوءِ ان مواد کي رياضت ڀرڙي پنهنجي طور تي سوڌي سنواري بهتر نموني سان منظر عام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر تنهن هوندي بہ ان ۾ اڃا اصلاح ۽ بهتريءَ جي گنجائش محسوس ٿئي ٿي.

مجموعي طور ڊاڪٽر محبت جا ترجما مواد جي چونڊ، تُز ترجمي توڙي فڪري معيار ۽ مواد جي لحاظ کان ڪافي لاياڻتا ۽ ڀرپور آهن. هن پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ سان ڪافي تحريرن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي فنائتي انداز، سهڻي سليقي، سليس اظهار ۽ عام فهم لفظن ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو انهن مان ترجمي بدران اصل تخليق جو ساءُ ۽ سواد پيو محسوس ٿئي. هُن تخليقي پورهئي جيان ترجمي جو پورهيو بہ پنهنجي پوري لگن، فڪري سجاڳي ۽ علمي دانشمنديءَ سان ڪيو آهي، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾





سندس ترجمن جي هڪ پنهنجي تخليقي حيثيت ۽ اهميت آهي.

## حوالا


1. قاضي، خادم، مترجم: ’جوئاري‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2006ع، ص:ج.
2. ولڀ، ولي رام، (مضمون) ’ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ مترجم جو ڪردار‘، ڪلاچي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر، 2006ع، ص: 13.
3. ڀرڙو، محبت، ڊاڪٽر، ’اٽڪ قلعي کان‘، لطيف ادبي اڪيڊمي، لاڙڪاڻو، 1990ع، ص:1.
4. ساڳيو، ص: 1.
5. ڀرڙو، محبت، ڊاڪٽر، ’موسيٰ کان مارڪس تائين‘، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر، 2005ع، ص:3.
6. ساڳيو، ص:9.
7. ڀرڙو، محبت، ڊاڪٽر، ’جدلي ماديت جا بنيادي اصول‘، سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2008ع، ص:57.
8. ساڳيو، ص:19.
9. ڀرڙو، محبت، ڊاڪٽر، ’ڏاهپ جو جنم‘، سي پي سي ايس، حيدرآباد، 2011ع، ص:12.
10. قمر، جميل، ’جديد ادب ڪي سرحدين‘، جلد دوئم، مڪتبہ دريافت، ڪراچي، 2000ع، ص:114.